# دور نبويﷺ ۾ عورتن جي معاشرتي زندگي

پروفيسر عبدالقادر چاچڙ✿

---

دور نبوي ۾ عورتن جي حيثيت ۽ فضيلت:

اسلام کان پهريون عورت کي نيچ ۽ نياڻيءَ کي خواري ۽ رسوائيءَ جو سبب سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ نياڻي پيدا ٿيندي هئي ته انهيءَ وقت انهن جا مُنهن غم ۽ پريشاني جي ڪري ڪارا ٿي ويندا هئا. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

"واذا احدهم بالانثيٰ ظل وجهه مسودا وهو كظيم" (١)

۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي نياڻي (پيدا ٿيڻ) جي خبر ڏني وڃي ٿي ته انهن جا مُنهن ڪارا ٿي وڃن ٿا.

ماڻهو نياڻيءَ کي زنده دفن، پالڻ ۽ شادي ڪرائڻ (ڪنهن کي ڄاڻو بنائڻ) کي تمام گهڻو خراب سمجهندا هئا انهيءَ ڪري نياڻيءَ کي ننڍي هوندي ئي زنده درگور ڪري ڇڏيندا هئا. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

"ا يمسك عليٰ هون ام يدسه في التراب" (٢)

يا هو خواري برداشت ڪري انهيءَ کي (نياڻيءَ کي) پاڻ وٽ رهائي يا مٽي (زمين) ۾ پوري ڇڏي. (جيئن خواري ۽ رسوائيءَ کان بچي وڃي)

---

✿ گورنمنٽ اسلاميه آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج سکر

اسلام جي اچڻ سان عورتن کي عزت، وقار ۽ احترام مليو. ۽ جاهليت واريون ريتون رسمون سڀ ختم ٿي ويون. جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اذا الموودت سئلت باي ذنب قتلت“ (٣)

جڏهن (قيامت ڏينهن) زنده پوريل ڇوڪريءَ کان پڇا ٿيندي ته
تون ڪهڙي ڏوهه ۾ قتل ٿئين؟

انهيءَ آيت ۾ ڇوڪرين جي زندگي جي اهميت جو اظهار آهي.

الله تعاليٰ عورت کي مرد جو سڪون، انساني نسل جي واڌ ويجهه جو اهم سبب قرار ڏنو:

”وهو الذي خلقكم من نفس واحدة وجعل منها زوجها
ليسكن اليها“ (٤)

(الله) اهو آهي جنهن توهان کي هڪ نفس (حضرت آدمؑ)
مان پيدا ڪيو، انهيءَ مان زال (بي بي حوا) پيدا ڪيائين،
جيئن انهيءَ مان آرام وٺي.

”يايها الناس اتقوا ربكم الذي خلقكم من نفس واحدة و خلق
منها زوجها و بث منهما رجالاً كثيرا و نساء“ (٥)

اي ماڻهو! الله کان ڊڄو جنهن توهان کي هڪ نفس (آدمؑ)
مان پيدا ڪيو. ۽ انهيءَ (آدمؑ) مان سندس زال (بي بي حوا)
پيدا ڪيائين ۽ وري انهن مان ڪيترائي مرد ۽ عورتون پيدا
ڪيائين.

نبي ڪريم ﷺ نياڻين جي لاءِ فرمايو:

”عن ابن عباس قال رسول الله صلي الله عليه وسلم من
كانت له انثيٰ فلم يئدها و لم يهنها و لم يوثر ولده عليها يعني
الذكور ادخله الله الجنت“ (٦)

نبي ڪريمﷺ فرمايو جنهن وٽ نياڻي پيدا ٿي انهيءَ نه نياڻيءَ کي زنده دفن ڪيو نه انهيءَ سان ذلت ۽ اهانت وارو سلوڪ رکيو ۽ نه ئي ڇوڪرن (نرينه اولاد) کي انهيءَ تي فوقيت ڏني ته الله تعاليٰ اهڙي ماڻهوءَ کي جنت ۾ داخل ڪندو.

پيءُ ۽ ماءُ جي احترام ۽ عزت جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

"و بالوالدين احسانا" (٧) ۽ والدين (پيءُ ۽ ماءُ) سان چڱائي ڪريو.

انهيءَ ۾ والده کي والد سان برابر رکيو ويو آهي.

## دور نبوي ۾ نياڻيءَ جي پرورش:

نبي ڪريمؐ نياڻيءَ جي پرورش کي جنت ۾ داخل ٿيڻ جو هڪ سبب قرار ڏنو آهي. حديث شريف ۾ آهي:

"من عال جاريتين حتيٰ تبلغا جاءَ يوم القيامت انا و هو هكذا و ضم اصابعه" (٨)

پاڻ ڪريمؐ فرمايو جيڪو ماڻهو ٻن نياڻين کي انهن جي بالغ ٿيڻ (پرڻجڻ) تائين پاليندو (انهن جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪندو) ته قيامت جي ڏينهن هو ۽ مان هيئن گڏ هونداسون. پاڻ آڱرن کي ملائي اشارو ڪيائون.

نبي ڪريمﷺ جا پٽ ننڍي هوندي ئي فوت ٿي ويا، پاڻ ڪريمﷺ نياڻين کي پاليو ۽ پرڻايو.

نياڻين جي پرورش جي باري ۾ فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي:

"و نفقت الاناث و اجبت مطلقا علي الآباء ما لم يتزوجن"(٩)

نياڻين جي پرورش جو ذمو ايستائين والد تي آهي جيستائين هو شادي نه ٿيون ڪن.

نياڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ڇوڪرَي (ذڪر) جي پرورش جو ذمو والدين تي انهيءَ جي بالغ

ٿيڻ تائين آهي. جيئن فتاويٰ عالمگيريءَ ۾ آهي:

”ولا يجب علي الاب نفقت الذكور الكبار الا ان يكون الولد عاجزا عن الكسب“ (١٠)

بالغ ڇوڪرن جي پرورش جو حق والد تي نه آهي، پر جيڪڏهن ڪو معذور ڇوڪرو هوندو ته انهيءَ جي پرورش والد تي آهي.

حديث ۾ نياڻين جي پرورش جي ترغيب ڏني وئي آهي ۽ فقه جي ڪتابن ۾ انهن جي پرورش جا اصول بيان ڪيا ويا آهن. ۽ نياڻين جي پرورش ۾ سندن رعايت ڪئي وئي آهي.

## دور نبوي ۾ نياڻين جي تعليم:

علم سکڻ اسلام جي فرضن مان هڪ فرض آهي. جيئن حديث شريف آهي:

”طلب العلم فريضة علي كل مسلم“ (١١)

علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي.

سمورن عالمن جي اتفاق سان انهيءَ حڪم ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي شامل آهن.

نياڻين جي تعليم جي وضاحت ۾ البهي الخولي لکي ٿو:

”التعليم هو تهذيب نفسها و خلقها و وجدانها بالعقائد الصحيحة والتعاليم الدينية الراشدة و منها الاقتصادي و منها صحي و منها الاجتماعي و منها التربوي الفلسفي ومنها الاداري“ (١٣)

نياڻين کي تعليم ڏني ويندي تهذيب، اخلاق، صحيح ذهني اوسر جي، صحيح عقيدن جي ۽ صحيح ديني تعليم جي جنهن ۾ اقتصادي تعليم، طبي تعليم، عام زندگي گذارڻ جي تعليم،

ٻارن جي تربيت جي فلسفي ۽ اجتماعي زندگي جي فلسفي جي تعليم به شامل آهي.

الله تعاليٰ نبي ڪريم ﷺ کي حڪم فرمايو ته توهان عورتن کي ملڻ (بيعت) وقت چڱائي جي نصيحت ڪريو. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

”يـايهـا الـنبـي اذا جائك المومنات يبايعنك عليٰ ان لا يشركن بـالله شيئـا و لايسرقن و لا يزنين و لا يقتلن اولادهن ولا ياتين ببهتـان يـفترينه بين ايديهن و ارجلهن و لا يعصينك في معروف فبايعهن و استغفرلهن الله ان الله غفور رحيم“ (١٣)

اي پيغمبر جڏهن مسلمان عورتون توسان بيعت ڪن ته انهن کي نصيحت ڪر ته الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو، چوري نه ڪريو، بدڪاري نه ڪريو، پنهنجي ٻارن کي قتل نه ڪريو، بهتان (زنا) جي اولاد نه آڻيو جيڪي پنهنجي هٿن ۽ پيرن جي وچ ۾ آهن (جيڪي مڙس جي نطفي ۾ آهن)، چڱين ڳالهين ۾ اهي توهان جي حڪمن جي خلاف نه ڪن ته اهڙي حالت ۾ توهان انهن سان بيعت ڪريو، انهن (عورتن) لاءِ الله تعاليٰ کان مغفرت (معافي) گهرو، بيشڪ الله تعاليٰ رحم ڪندڙ مهربان آهي.

نبي ڪريم ﷺ جي دور ۾ عورتون وڏيون عالمائيون هيون، هيٺين روايت انهيءَ جو ثبوت آهي:

”عـن عـروه بـن زبير: ما رأيت احداً من الناس اعلم بالقرآن و لا بفريضة و لا بحلال و حرام و لا بشعر و لا بحديث العرب و لا النسب من عائشة رضي الله عنها“ (١٤)

مائهن مان مون کي قرآن، ميراث، حلال ۽ حرام، شعر، عربن

جي خبرن ۽ سندن نسب جي باري ۾ حضرت عائشه کان
وڌيڪ عالم ڏسڻ ۾ نه آيو آهي.

انهن واقعن مان هيءُ ڳالهه پڌيءَ پت سمجهه ۾ اچي ٿي ته نبي ڪريمؐ جي دور ۾ عورتن جي تعليم تي خاص توجه ڏنو ويندو هو ۽ عورتون تعليم جي ميدان ۾ مردن جي برابر هيون، ديني علم جيڪو اسان تائين پهتو آهي انهيءَ ۾ ازواج مطهرات جو تمام وڏو حصو آهي.

## دور نبوي ۾ عورتن جي شادي:

شادي انساني فطرتن مان آهي، جنهن کي نبين جي سنت قرار ڏنو ويو آهي. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

"اربع من سنن المرسلين: الحياء والتعطر والسواك
والنكاح"(١٥)

(نبي ڪريمﷺ فرمايو) چار ڳالهيون نبين جي سنت ۾ شامل
آهن. حياء، خوشبو هڻڻ، ڏندڻ ڏيڻ ۽ شادي ڪرڻ.

"قال رسول الله صلي الله عليه وسلم من استطع منكم الباعة
فليتزوج" (١٦)

نبي ڪريمﷺ فرمايو توهان مان جيڪو نڪاح جي طاقت
رکي اهو شادي ڪري.

نڪاح ڪرڻ ۾ (مڙس جي انتخاب ۾) عورتن کي اختيار ڏنو ويو آهي:

"ينعقد بالنكاح الحرة العاقلة البالغة برضاها" (١٧)

آزاد، عقلمند ۽ بالغ ڇوڪري جو نڪاح انهيءَ جي رضا سان ٿيندو.

"النكاح ينعقد بالايحاب والقبول" (١٨)

نڪاح ايجاب ۽ قبول سان منعقد ٿيندو.

(يعني ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي رضا سان)

نبي ڪريمﷺ جي زماني ۾ ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي نياڻيءَ جو نڪاح انهيءَ جي رضا جي بغير ڪرايو هو ته پاڻﷺ انهيءَ نڪاح کي ختم ڪرايو هو. جيئن حديث شريف ۾ آهي:

”عن ابي عباس ان امراة توفي عنها زوجها ثم جاء عم ولدها فخطبها فابي الاب ان يزوجها و زوجها من الآخر فاتت المرأة النبي صلي الله عليه وسلم فذكرت ذالك له، فبعث الي ابيها فحضر فقال ما تقول هذه؟ قال: صدقت و لاكني زوجتها ممن هو خير منه. ففرق بينهما و زوجها عم ولدها“ (١٩)

حضرت ابن عمر کان روايت آهي ته هڪ عورت (اسماء بنت يزيد بن السڪن) جو مڙس مري ويو، پوءِ انهيءَ جي ڏير ڪيس شاديءَ جو پيغام ڏنو. انهيءَ (ڇوڪري/ عورت) جي پيءُ انڪار ڪيو ۽ انهيءَ جو نڪاح ٻي جڳهه تي ڪرائي ڇڏيو. اها عورت نبي ڪريمﷺ وٽ آئي. پاڻ ڪريمﷺ انهيءَ جي پيءُ کي گهرايو، جنهن چيو ته هيءُ سچ ٿي چوي پر مان انهيءَ جو نڪاح سٺي جڳهه تي ڪرايو آهي. نبي ڪريمﷺ انهيءَ نڪاح کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ انهيءَ عورت کي ڏير سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏنائين.

”عن ابن عمر رضي الله عنهما: انه تزوج ابنت خاله عثمان بن مظعون قال: فذهبت امها الي النبي صلي الله عليه وسلم فقالت: ان ابنتي نكره والله امره رسول الله صلي الله عليه وسلم ان يفارقها“ (٢٠)

حضرت ابن عمر رضہ کان روايت آهي ته عثمان بن مظعون پنهنجي ماسيءَ جي ڌيءَ جي شادي ڪرائي، پوءِ انهيءَ جي ماءُ

عورت نئين ماحول ۾ اچي ٿي، والدين کان ضرورت ۾ پيسا گهرندي هئي، هاڻي والدين ساڻ نہ اٿس، مڙس سان اجا بي حجاب نہ ٿي آهي تہ ان کي ضرورتن لاءِ جيب ۾ ڪجهہ پيسا هجن جيڪي ڪابين جي صورت ۾ کيس ملن ٿا. (۲۴)

"و آتو النساء صدقاتهن نحلت" (۲۵)

۽ زالن کي مقرر ٿيل ڪابين خوشيءَ سان ڏيو.

## دور نبوي ۾ عورتن کي خلع جو حق:

اسلام ۾ مرد کي زال جي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ طلاق جو حق ڪجهہ شرطن سان مليل آهي ۽ عورت کي وري مرد کان خلع وٺڻ جو حق ڏنو ويو آهي.

خلع جي باري ۾ علامہ ابن نجيم رحہ فرمائي ٿو:

"الخلع بالضم وهو استعارت من خلع اللباس لان كل واحد منهما لباس للآخر فاذا فعلا ذالك فكان كل واحد نزع لباسه عنه" (۲٦)

خُلع پيش سان، انهيءَ جي معنيٰ آهي ڪپڙن کان پنهنجو پاڻ کي آجو ڪرڻ، ڇو تہ مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جو لباس آهن. جڏهن خلع ٿئي ٿو تہ اهي انهيءَ لباس کي لاهين ٿا. (يعني خلع کان بعد مڙس ۽ زال هڪ ٻئي جو لباس نہ ٿا رهن)

### خلع جو مثال نبي ڪريم ﷺ جي دور مبارڪ ۾:

"حماد عن ابيه عن ايوب السختياني ان امرأة ثابت بن قيس اتت الىٰ رسول الله صلىٰ الله عليه وسلم فقالت لا انا و لا ثابت فقال ا تختلعين منه بحديقة فقالت نعم و ازيد فقال اما الزياده فلا" (۲۷)

حضرت ايوب سختياني کان روايت آهي تہ ثابت بن قيس جي

زال نبي ڪريمﷺ وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين ته نه مان ثابت سان رهي سگهان ٿي ۽ نه ثابت مون سان. نبي ڪريمﷺ فرمايو: ڇا تون ثابت کي (مهر ۾ مليل) باغ واپس ڪري خلع ڪندين؟ انهيءَ چيو: هائو مان وڌيڪ به ڏينديس! پاڻ ڪريمﷺ فرمايو: وڌيڪ نه.

## دور نبوي ۾ عورت ۽ مرد جو لعان:

جيڪڏهن مڙس زال تي زنا جو صريح الزام هڻي، انهيءَ وٽ شاهد نه هجن ۽ عورت (زال) چوي ته مڙس جي مون تي لڳايل تهمت ڪوڙي آهي ته پوءِ شريعت جي روءِ سان ٻنهن کان هڪ ٻئي تي لعنتن وارا قسم کڻايا ويندا، پوءِ کين هڪ ٻئي کان جدا ڪيو ويندو.

انهيءَ مسئلي ۾ صرف مرد جي الزام تي فيصلو نه ڪيو ويندو بلڪه عورت جي ڳالهه کي بالڪل مرد جيتري اهميت ڏني ويندي. لعان جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

”والذين يرمون ازواجهم و لم يكن لهم شهداء الا انفسهم فشهادت احدهم اربع شهادات بالله انه لمن الصادقين، والخامسة ان لعنة الله عليه ان كان من الكاذبين و يدرو عنها العذاب ان تشهد اربع شهادات بالله انه لمن الكاذبين والخامسة ان غضب الله عليها ان كان من الصادقين“ (٢٨)

۽ جيڪي پنهنجي زالن کي تهمت لائين ۽ کين پاڻ کانسواءِ ڪي شاهد نه هجن ته انهن هر هڪ جي (قسميه) شاهدي چار ڀيرا (هيئن ڏيڻ) آهي ته الله جو قسم ته بيشڪ پاڻ سچ چوندڙن مان آهي ۽ پنجون ڀيرو چوي ته جيڪڏهن ڪوڙن مان هوندو ته مٿس الله جي لعنت هجي. ۽ ان زال کان (هيءَ

ڳالهه) سزا ٽاريندي جو چار ڀيرا شاهدي ڏئي ته الله جو قسم
ته بيشڪ اهو مڙس ڪوڙ چوندڙن مان آهي ۽ پنجون ڀيرو
(هيءَ شاهدي ڏئي) ته جيڪڏهن اهو مڙس سچن مان آهي ته
ان (زال) تي الله جو ڏمر هجي.

حديث شريف ۾ آهي:

”عن ابن عمر قال: لا عن رجل امراته و فرق النبيﷺ بينهما“(٢٩)

عبدالله بن عمر رضہ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جي سامهون هڪ مرد عورت سان لعان ڪيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورنﷺ انهن ٻنهي ۾ جدائي ڪرائي.

## دور نبوي ۾ عورتن لاءِ ميراث:

اسلام کان پهريون عورتن کي ورثي کان محروم رکيو ويندو هو. علامہ بغوي رحہ پنهنجي تفسير ۾ فرمائي ٿو:

”ان الوراثة كانت في الجاهلية بالذكور و بالقوة، فكانوا يورثون الرجال دون النساء والصبيان“ (٣٠)

جاهليت جي دور ۾ طاقت جي زور تي ورثي جا مالڪ مرد ٿيندا هئا، عورتون ۽ ٻار محروم رهندا هئا.

”اعلم ان الوراثة كانت في الجاهلية بالرجولية والقوة و كانوا يورثون الرجال دون النساء والاطفال فابطل الله عز و جل ذالك“ (٣١)

ڄاڻڻ گهرجي ته جاهليت ۾ ورثي جو فيصلو مرد طاقت جي زور تي ڪندا هئا، ورثي جا مالڪ مرد ٿيندا هئا، عورتون ۽ ٻار محروم رهندا هئا، پوءِ الله تعاليٰ انهيءَ کي ختم ڪرڻ فرمايو.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو:

”للرجال نصيب مما ترك الوالدان والاقربون وللنساء نصيب مما ترك الوالدان والاقربون“ (٣٢)

انهن شين ۾ جيڪي ماءُ پيءُ ۽ ٻيا ويجها مائٽ ڇڏي وڃن انهيءَ ۾ مردن ۽ عورتن جو حصو آهي.

نبي ڪريمﷺ عورتن کي وراثت جو حق ڏياريو ۽ جاهليت واري روش ختم ڪرائي.

## دور نبوي ۾ عورتن کي زندگي گذارڻ ۾ آزادي:

اسلام ۾ انسان جي حياتيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي، انهيءَ جي آزاديءَ کي وڏي احترام سان ڏٺو ويجي ٿو.

انسان جي حياتيءَ جي باري ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

”من قتل نفسا بغير نفس او فساد في الارض فكانما قتل الناس جميعا ومن احياها فكانما احيا الناس جميعا“ (٣٣)

جنهن ماڻهوءَ ڪنهن کي ناحق قتل ڪيو، ڄڻ ته سمورن ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ جنهن ڪنهن (هڪ شخص) کي زنده رکيو (زندگي بچائي) ڄڻ ته سموري انسانيت کي زنده ڪيو.

انهيءَ آيت ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي شامل آهن.

نبي ڪريمﷺ مردن وانگر جڏهن عورتن سان ملندا هئا ته انهن کي به سلام چوندا هئا. اهڙي حديث پنهنجي سنن ۾ آندي آهي:

”عن اسماء بنت يزيد قالت: مر علينا رسول اللهﷺ في نسوة فسلم علينا“ (٣٤) اسماء بنت يزيد کان روايت آهي، چوي ٿي: نبي ڪريمﷺ اسان عورتن وٽان گذريا ته اسان کي سلام ڪيائون.

نبي ڪريمﷺ فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن عورت ڪي شاهدن جي بغير ڪنهن ڏوهہ (رجم) ۾ قتل ڪيو ويو تہ انهيءَ جي بدلي ۾ ڪيس قتل ڪيو ويندو.

## دور نبوي ۾ عورتن ڪي شاهدي جو حق:

اسلام مختلف مسئلن ۾ شاهديءَ جون جدا جدا صورتون مقرر ڪيون آهن. اسلام جي روءِ سان ڪن مسئلن ۾ ڇڙو مردن جي شاهدي قبول آهي، ڪن مسئلن ۾ ڇڙو عورتن جي شاهدي صحيح آهي ۽ ڪن مسئلن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جي شاهدي قبول آهي پر ٻہ عورتون هڪ مرد جي برابر آهن. جيئن قرآن ۾ فرمان الاهي آهي:

”واستشهدوا شهيدين من رجالكم فان لم يكونا رجلين فرجل و امراتين“ (٣٥)

اوهان ٻہ مرد شاهد بڻايو، جيڪڏهن ٻہ مرد نہ آهن تہ هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون شاهد بڻايو.

جن ڳالهين جو واسطو عورتن سان آهي يا جيڪي عورتن جا خاص معاملا آهن انهن ۾ اڪيلي عورتن جي شاهدي قبول آهي.

اسلام عورت جي اڪيلي شاهديءَ کي بہ اهڙن معاملن ۾ اهميت ڏني آهي:

”عن عبدالله بن سنان، قال: سمعت ابا عبدالله عليه السلام يقول: تجوز شهادة النساء وحدهن بلا رجال في كل ما لا يجوز للرجال النظر اليه“ (٣٦)

عبدالله سنان کان روايت آهي تہ ابو عبدالله (امام جعفر صادق رحہ) جو قول آهي تہ اهڙن معاملن ۾ اڪيلي عورت جي شاهدي ڪافي آهي جنهن جو ڏسڻ مردن لاءِ جائز نہ آهي.

فقہ جي مشهور ڪتاب قدوري ۾ آهي:

”و تقبل في الولادة والبكارة والعيوب بالنساء في موضع لا يطلع عليه

الرجال، شهادة امراة واحدة“ (۳۷)

ٻار جي پيدائش، عورت جي ڪنوارپ، عورتن جي اهڙي عيب ۾ جنهن جو ڏسڻ مردن لاءِ ممڪن نه هجي، انهيءَ ۾ هڪ عورت جي به شاهدي قبول ڪئي ويندي.

## دور نبوي ۾ عورتن ڪي مساوات جو حق:

اسلام ۾ عورت ۽ مرد شان ۾ برابر آهن. ڪي مرد شان ۾ عورتن کان فضيلت ۾ وڌيڪ آهن (جيئن آدمؑ جو شان پيغمبر هجڻ ڪري بي بي حوا کان وڌيڪ آهي) ته وري ڪي عورتون شان ۾ مردن کان وڌيڪ آهن، جيئن امهات المؤمنين جو شان ڪيترن ئي صحابن ۽ بعد جي سيني ماڻهن کان وڌيڪ آهي.

قرآن مجيد ۾ ڪيترين ئي سورتن ۽ آيتن ۾ مردن ۽ عورتن کي هڪ درجي ۾ رکيو ويو آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

”فاستجاب لهم ربهم اني لا اضيع عمل عامل منكم من ذكر او انثيٰ“ (۳۸)

پوءِ سندس ٻالڻهار انهن جي دعا قبول ڪئي ته آءٌ اوهان مان عمل ڪندڙ مرد يا عورت جو عمل نه وڃائيندس.

ٻي جڳهه تي فرمان باري تعاليٰ آهي:

”من عمل صالحا من ذكر او انثيٰ وهو مومن فلنحيينه حياة طيبة“ (۳۹)

جنهن چڱو عمل ڪيو، پوءِ اهو مرد هجي يا عورت ۽ اهو مومن هوندو ته ضرور کيس چڱي حياتي ڏئي جيئاريندا سون.

الله باري تعاليٰ جو ڪيترن ئي معاملن ۾ عورتن ۽ مردن کي گڏيل خطاب آهي:

”ان المسلمين والمسلمات والقانتين و القانتات والصادقين و

الصادقات والصابرين و الصابرات والخاشعين والخاشعات والمتصدقين و المتصدقات والصائمين و الصائمات والحافظين فروجهم والحافظات والذاكرين الله كثيرا والذاكرات اعد الله لهم مغفرة و اجرا عظيما" (٣٠)

بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان زالون ۽ مومن ۽ مومنبائيون ۽ فرمانبردار ۽ فرمانبرداري ڪرڻ واريون ۽ سچا ۽ سچيون ۽ صبر وارا ۽ صبر واريون ۽ خدا کان ڊڄندڙ ۽ خدا کان ڊڄڻ واريون ۽ خيرات ڪرڻ وارا ۽ خيرات ڪرڻ واريون ۽ روزي رکڻ وارا ۽ روزي رکڻ واريون ۽ پنهنجن اوگهڙن کي محفوظ رکڻ وارا ۽ محفوظ رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ ۽ ياد ڪرڻ واريون، انهن سڀني لاءِ الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.

مولانا عبدالوهاب چاچڙ انهيءَ آيت جي تفسير ۾ فرمايو آهي:

"حضرت رسول اللهﷺ جي زماني ۾ دين جي لاءِ قربانيون ڏيندڙ مرد به هئا ۽ عورتون به. قرآن مجيد ۾ صرف ازواج مطهرات جي ذڪر خير سان ٻين عورتن ۾ پريشاني پيدا ٿي ته شايد اسانجو پورهيو قبول نه پيو آهي. ۽ بي بي ام سلمه رضه ۽ ڪن ٻين عورتن هيءُ اظهار به ڪيو ته احڪام الاهيءَ جي ذڪر ۾ عورن کي مردن جي ضمن ۾ آندو ويو آهي، جو عورتن جو الڳ حيثيت سان ذڪر ٿيل نه آهي. ان تي هيءَ آيت نازل ٿي ته محنت ڪنهن جي به رائگان نه ويندي، ان ۾ مرد ۽ عورت جو فرق نه آهي." (٣١)

نبي ڪريمﷺ مساوات جي باري ۾ فرمايو:

”لـو اِنّ فـاطـمة بـنـت مـحـمـد سرقـت لقطعت يدها“ (٣٢)
جيڪڏهن (انهيءَ عورت جي بجاءِ) منهنجي ڌيءُ فاطمه چوري ڪري ها ته انهيءَ جو به هٿ ڪٽيو وڃي ها.

## حوالا:


(١) سورت نحل، آيت: ٥٨، سيپارو: ١٣

(٢) سورت نحل، آيت: ٥٩، سيپارو: ١٣

(٣) سورت تڪوير، آيت: ٨-٩، سيپارو: ٣٠

(٤) سورت اعراف، آيت: ١٨٩، سيپارو: ٩

(٥) سورت نساء، آيت: ١، سيپارو: ٤

(٦) سليمان بن اشعث، سنن ابي دائود، عربي، ص: ٦٣٠، جلد: ٢، مطبوعه شرڪت مڪتبه مصر، طبع اول سال ١٩٥٢ع

(٧) سورت بني اسرائيل، آيت: ٢٣، سيپارو: ١٥

(٨) مسلم بن حجاج، صحيح مسلم، عربي، ص: ٣٣٠، جلد: ٢، مطبع عليمي دهلي، سال ١٣٣٨ھ

(٩) مجمع العلماء، فتاويٰ عالمگيري، عربي، جلد اول، صفحو: ٥٦٣، مڪتبه ماجديه ڪوئٽه، سال ١٣٩٨ھ

(١٠) مجمع العلماء، فتاويٰ عالمگيري، عربي، جلد اول، صفحو: ٥٦٣، مڪتبه ماجديه ڪوئٽه، سال ١٣٩٨ھ

(١١) محمد بن يزيد قزويني، سنن ابن ماجه، عربي، صفحو: ٢٠، سعيد ڪمپني ڪراچي

(١٢) البهي الخولي: الاسلام و قضايا المرات المعاصرات، عربي، ص: ٢١٢ ۽ ٢١٣، دار القلم ڪويت، ڇاپو: ٽيون

(١٣) سورت الممتحنه، آيت: ١٢، سيپارو: ٢٨

(١٤) علامہ ذهبي: تذكرت الحفاظ، عربي، ج: ١، ٢: ٢٨، دار احياء التراث العربي بيروت

(١٥) محمد بن عيسي: سنن ترمذي، عربي، ص: ١٣٨، جلد١، مڪتبہ رحيميہ ديوبند انڊيا

(١٦) ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري: صحيح بخاري، عربي، ص: ٧٥٨، جلد: ٢، مطبوعہ نور محمد ڪتب خانہ ڪراچي، طبع ثاني سال ١٩٦١ع

(١٧) علي بن ابي بڪر المرغياني: هدايہ، عربي، ص: ٣٠٥، جلد اولين، شرڪت علميہ ملتان

(١٨) علي بن ابي بڪر المرغياني: هدايہ، عربي، ص: ٣١٣، جلد اولين، شرڪت علميہ ملتان

(١٩) ابو حنيفہ نعمان بن ثابت: مسند امام اعظم، عربي، ص: ١٣٢، مطبوعہ نور محمد اصح المطابع آرام باغ ڪراچي

(٢٠) ابي عبدالله محمد بن عبدالله حاڪم نيساپوري، المستدرڪ علي الصحيحين، عربي، ص: ١٨١، جلد٢، طبع دار الڪتب العلميہ بيروت، ڇاپو پهريون سال ١٩٩٠ع

(٢١) حافظ ابو بڪر محمد بن هارون روياني: مسند صحابہ، عربي، جلد٢، ص: ٢٠١، طبع عباس احمد الباز مڪہ مڪرمہ طبع اول سال ١٩٩٧ع

(٢٢) احمد عبدالعزيز الحصين: المرات و مڪانتها في الاسلام، عربي، ص: ١٠٣، ڇاپو: ١٩٨١ع

(٢٣) علي بن عمر دار قطني: سنن دار قطني، عربي، ص: ١٥١، جلد٢، مطبوعہ دار الفڪر للطباعہ والنشر والتوزيع

(٢٤) مولانا عبيدالله سنڌي: تفسير (املاء)، قلمبند ڪيل مولانا محمد مدني جو سنڌي زبان ۾، غير مطبوعہ

(۲۵) سورت نساء، آيت: ۴، سيپارو: ۴
(۲٦) علامه شيخ بن الدين ابن نجيم: البحر رائق شرح ڪنز الدقائق، عربي، جلد۴، صفحه: ۷۰، مڪتبه رشيديه سرڪي روڊ ڪوئٽه
(۲۷) ابو حنيفه نعمان بن ثابت: مسند امام اعظم، عربي، ص: ۱۵۰، مطبوعه نور محمد اصح المطابع آرام باغ ڪراچي
(۲۸) سورت: نور، آيت: ٦، ۷، ۸، ۹، سيپارو: ۱۸
(۲۹) محمد بن عيسيٰ: سنن ترمذي، عربي، ص: ۱٦۴، جلد۱، مڪتبه رحيميه ديوبند انڊيا
(۳۰) حسين بن مسعود بغوي: معالم التنزيل، عربي، جلد۱، ص: ۳۹۹، دار المعرفت بيروت، ۱۹۹۷ع
(۳۱) ابو اسحاق احمد ثعلبي: الڪشف البيان، عربي، جلد:۳، ص: ۲٦۵، ڇپائيندڙ دار احياء التراث العربي بيروت، ڇاپو پهريون سال ۲۰۰۲ع
(۳۲) سورت نساء، آيت: ۱۰، سيپارو: ۴
(۳۳) سورت مائده، آيت: ۳۲، سيپارو: ٦
(۳۴) ابي عبدالله محمد بن يزيد بن ماجه: فروع الڪافي، عربي، ج:۵، ص: ۳۲۵، ڇپائيندڙ دار الاضواء بيروت، ڇاپو پهريون سال ۱۹۹۲ع
(۳۷) ابو الحسن بن احمد بن محمد بغدادي: المختصر القدوري، عربي، ص: ۲۱۲، مڪتبه شرڪت علميه ملتان
(۳۸) سورت آل عمران، آيت: ۱۹۵، سيپارو: ۴
(۳۹) سورت نحل، آيت: ۷، سيپارو: ۱۴
(۴۰) سورت احزاب، آيت: ۳۵، سيپارو: ۲۲
(۴۱) مولانا عبدالوهاب چاچڙ: تفسير سهل البيان، سنڌي، صفحو: ۱۰۷۴، ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال ۲۰۰۴ع
(۴۲) مسلم بن حجاج: صحيح مسلم، عربي، ص: ٦۴، جلد۲، مطبع عليمي دهلي، سال ۱۳۳۸هه